
هفتيوار رسالو:356
WEEKLY BOOKLET:356

شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامہ و مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادري رضوي دامَتْ بَرَكاتُهُمُ العاليہ جي ڪتاب
”عاشقان رسول جون 130 حڪايتون“ جي هڪ قسط

# سُنّي عالمن جي مڪي مديني جا 17 واقعا

SINDHI



- امام احمد رضا ۽ ديدار مصطفيٰ؟
- مولانا سردار احمد جي مديني جي ڪجورن سان محبت
- مديني جي ڪُتي جا ناز ڪڻڻ
- قُطبِ مدينہ ۽ غريب مديني جو زائر


شيخ طريقت امير اهلسنت باني دعوت اسلامي حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال
محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: سُني عالمن جي مڪّي مديني جا واقعا
ڇاپو پهريون: ذوالحج 1445 هہ جون 2024ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي مايہ ناز تصنيف ”عاشقانِ رسول جون 130 حڪايتون“ مان ورتل مواد بنام

# سُنّي عالمن جي مڪّي مديني جا 17 واقعا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# سُنّي عالمن جي مڪّي مديني جا 17 واقعا

## دعاءِ عطار

ياربَّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”سُنّي عالمن جي مڪّي مديني جا 17 واقعا“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي باربار حج ۽ ديدار مدينہ سان مشرف فرماءِ ۽ ان کي والدين سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : جيڪو شخص محبت ۽ شوق سان ٽي ڀيرا ڏينهن جو ۽ ٽي ڀيرا رات جو مون تي درودِ پاڪ پڙهي، الله پاڪ تي حق آهي تہ سندس اُن ڏينهن ۽ اُن رات جا گُنَاهہ مُعَاف فرمائي ڇڏي . (معجم کبير ، 362/18، حديث: 928)

## ﴿1﴾ اعليٰ حضرت جي والد کي خصوصي گهرايو ويو

اعليٰ حضرت، مولانا شاه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا والد گرامي مفتي نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڏا عالم، مفتي ۽ عاشق رسول هئا. پنهنجو وڃڻ بيو آهي ۽ دعوت ڏئي گهرائڻ بي ڳالھ آهي، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي مدينہ منوره جي حاضري جي لاءِ خاص ڪري اچڻ جو

حکم مليو ۽ اهو بہ ائين جو خواب ۾ نبي اکرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن طلب فرمايو: بيماري ۽ ڪمزوري جي باوجود بہ ڪجھ دوستن ڪي ساڻ ڪري سفر شروع ڪيو ۽ حرم پاڪ ڏانهن روانا ٿي ويا. ڪجھ عقيدتمندن بيماريءَ ڪي سامهون رکي مشورو ڏنو تہ اهو سفر آئنده سال تائين مُلتوي ڪري ڇڏيو. فرمايائون: مديني پاڪ جي ارادي سان قدم دروازي کان ٻاهر رکان پوءِ ڀلي روح ان وقت پرواز ڪري وڃي، محبوب ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عاشق جي محبت ڀري جذبي جي لڄ رکي ۽ خواب ۾ ئي هڪ پيالي ۾ دوا عنايت فرمائي جنهن جي پيئڻ سان ايترو تہ فائدو ٿيو جو حج جا رڪن ادا ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف ئي نہ ٿي. (سرور القلوب "د") الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿2﴾ حاضري جو اصل مقصد

عاشق ماهِ رسالت، اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مجدد دين ۽ ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ٻئي حج جي سفر ۾ حج جا رڪن ادا ڪرڻ کان پوءِ سخت بيمار ٿي پيا، پر پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بيماريءَ جي وڌي وڃڻ کان وڌيڪ فڪر مون کي سرڪار اعظم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري جو هو. جڏهن بخار ڪي وڌندي ڏٺو تہ مان انهيءَ حالت ۾ حاضريءَ جو ارادو ڪيو. سيئي عالم سڳور(رحمةُ اللهِ عَلَيهم) منع ڪندا رهيا، پهريان تہ اهو فرمايائون تہ "حالت توهان جي اهڙي آهي ۽ ڏگهو سفر آهي! مون

عرض ڪيو: ”جيڪڏهن سچ پڇو ته حاضريءَ جو اصل مقصد مديني جي زيارت آهي، بئي پيرا ان نيّت سان گهران نڪتو هئس. معاذالله جيڪڏهن اهو نه هجي ته حج جو لطف ئي ناهي.“ انهن وري اصرار ڪيو ۽ منهنجي حالت ياد ڏياري ته مون حديث پڙهي: مَنْ حَجَّ وَلَمْ يَزُرْنِيْ فَقَدْ جَفَانِيْ يعني جنهن حج ڪيو ۽ منهنجي زيارت نه ڪئي ته ان مون سان جفا ڪئي. (ڪشف الخفا ج 2 ص 218 حديث 2458) فرمايائون توهان هڪ ڀيرو ته زيارت ڪري چڪا آهيو. مون چيو ته مون وٽ حديث جو اهو مطلب ناهي ته عمر ۾ ڪيترا به حج ڪجن ۽ زيارت هڪ دفعو ڪافي آهي پر هر حج سان گڏ زيارت ضروري آهي. هاڻي اوهان دعا فرمايو ته مان سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي وڃان ۽ روضي اقدس تي هڪ نظر پئجي وڃي، پوءِ چاهي ان وقت ئي دم نڪري وڃي. (ملفوظاتِ اعليٰ حضرت، حصو 2 ص 201)

ڪاش گنبد خضراء پر نگاه پڑتے ہی
کھا کے غش میں گر جاتا پھر تڑپ کے مر جاتا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿3﴾ امام احمد رضاءِ ديدار مصطفيٰ

امامِ اهلسنّت مجددِ دين و ملت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زبردست عاشقِ رسول ۽ پايي جا عالم هئا، تقريبًا 100 علوم ۽ فنون تي مهارت رکندا هئا، حرمَين شريفَين جي عالمن کين چوڏهين صدي جو مُجَدِّد چيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دين کي باطل جي ملاوت کان پاڪ ڪري اِحياءِ سنّت جي لاءِ زبردست ڪم ڪيو ۽

ماڻهن جي دلين ۾ جيڪا عشق رسول جي شمع وسامي چڪي هئي، ان کي ٻيهر روشن ڪيائون. پاڻ بيشڪ فَنا فِي الرَّسول جي اعليٰ منصب تي فائز هئا، ٻئي ڀيري جڏهن مديني پاڪ جي حاضري نصيب ٿي ته بيداري ۾ زيارت جي حسرت ڪٽي مُواجَهه شريف ۾ سڄي رات حاضر رهي درود پاڪ جو ورد ڪندا رهيا، پهرين رات قسمت ۾ اها سعادت نه هئي. ٻي رات اچي وئي، مُواجَهه شريف وٽ حاضر ٿيا ۽ جدائي جي درد کان بيتاب ٿي ڪري هڪ نعتيه غزل پيش ڪيائون، جنهن جا ڪجهه شعرَ هي آهن:

وہ سُوئے لالہ زار پھرتے ہیں　　تیرے دِن اے بہار پھرتے ہیں
ہر چَراغِ مَزار پر قُدسی　　کیسے پروانہ وار پھرتے ہیں
اُس گلی کا گدا ہوں میں جس میں　　مانگتے تاجدار پھرتے ہیں
پھول کیا دیکھوں میری آنکھوں میں　　دشتِ طیبہ کے خار پھرتے ہیں
کوئی کیوں پوچھے تیری بات رضا　　تجھ سے شیدا ہزار پھرتے ہیں

مَقْطَعْ (يعني آخري شعر) ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عاجزي طور پاڻ کي ”ڪتو“ فرمايو آهي، پر عاشقانِ اعليٰ حضرت ادب طور انهيءَ جڳهه تي ”منگتا، شيدا“ لکندا ۽ چوندا آهن سندن پيروي ۾ ادب طور شيدا لکيو آهي ۽ حقيقت ۾ اها ئي آهي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بارگاهِ رسالت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ درود و سلام پيش ڪندا رهيا. آخرڪار انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ قسمت جاڳي پئي، سرڪار عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن پنهنجي عاشقِ زار تي خاص ڪرم فرمايو، اکين تان پردا هٽي ويا، خوش نصيب عاشق پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عين بيداريءَ جي حالت ۾ اکين سان ديدار ڪيو.

اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

شربتِ دِید نے اِک آگ لگائی دِل میں ۔ تپشِ دِل کو بڑھایا ہے بُجھانے نہ دیا
اب کہاں جائیگا نقشہ ترا میرے دِل سے ۔ تہ میں رکھا ہے اِسے دِل نے گُمانے نہ دیا
سجدہ کرتا اگر اِس کی اِجازت ہوتی ۔ کیا کروں اِذن مجھے اِس کا خُدا نے نہ دیا

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيني کي ڪپي ته اسان به پنهنجي دل ۾ سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت وڌايون ۽ قلب ۾ ديدار جي تمنا رکون، اِنۡ شَآءَ اللہُ ڪڏهن ته اسان جي به قسمت جاڳي پوندي، ڪڏهن ته آقا صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمائيندا.

سُنا ہے آپ ہر عاشق کے گھر تشریف لاتے ہیں
کبھی میرے بھی گھر میں ہو چَراغاں یارسولَ اللہ

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 4 مشهور عاشق رسول علامہ يوسف بن اسماعيل نبهاني جي ادب جو انداز

اعليٰ حضرت جا خليفه، فقيهِ اعظم حضرت علامہ ابو يوسف محمّد شريف مُحَدِّث ڪوٽلوي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ دفعي جڏهن مان حج ڪرڻ ويس ته مديني شريف جي حاضريءَ ۾ سبز سبز گنبذ جي ديدار سان مشرف ٿيڻ وقت مون ”بابُ السّلام“ جي ويجهو ۽

گنبذ خضراءِ جي سامهون هڪ اڇي ڏاڙهي ۽ انتهائي نوراني چهري واري بزرگ جو ديدار ڪيو جيڪو قبر انور ڏانهن چهرو ڪري پلٽي هٽي ڪجهه پڙهي رهيو هو. پڇڻ تي خبر پئي ته هو مشهور و معروف عالم دين ۽ زبردست عاشق رسول حضرت شيخ يوسف بن اسماعيل نبهاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ هئا. مان سندن وجاهت ۽ چهري جي نورانيت ڏسي ڪري ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ سندن ويجهو وڃي ويهي رهيس ۽ انهن سان گفتگو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، هن مون ڏانهن توجهه نه ڏنو، مون عرض ڪيو: مان هندستان کان آيو آهيان ۽ اوهان جا ڪتاب ”حُجَّةُ اللهِ عَلَى الْعالَمِين“ ۽ **جواهِرُ الْبِحار** وغيره پڙهيا آهن جن جي ڪري منهنجي دل ۾ اوهان جي لاءِ وڏي عقيدت آهي. انهن اها ڳالهه ٻڌي منهنجي طرف محبت سان هٿ وڌايو ۽ مصافحو فرمايو مون وري ڪين عرض ڪيو: حضور اوهان قبر انور کان ايترو پري ڇو ويٺا آهيو؟ ته روئي فرمائڻ لڳا: ”مان ان لائق ناهيان جو ويجهو وڃي سگهان“ ان ڪانپوءِ مان ڪيترائي ڀيرا سندن رهائش تي حاضر ٿيس ۽ انهن کان سندِ حديث به حاصل ڪئي. سيدي قطب مدينه حضرت علامه شيخ ضياءُالدين احمد مدني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حضرت علامه يوسف نبهاني رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ جي گهرواريءَ کي 84 ڀيرا نبي آخرُالزّمان، شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو هو. (انوار قطب مدينه ص 195 ملخصًا) **الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُن کے دِيار ميں تُو کيسے چلے پھرے گا؟

عطارؔ تیری جُرأت!تُو جائے گا مدینہ

(وسائل بخشش)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿5﴾ پير مهر علي شاھ کي مدني مصطفيٰ جي زيارت وادي حَمراء ۾ ٿي

تاجدارِ گولڙه حضرت پير مهر علي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مديني پاڪ جي سفر ۾ وادي حَمراء وٽ ڌاڙيلن جي حملي جي پريشاني جي ڪري مجبوريءَ جي حالت ۾ مون کان عشاء جون سنتون رهجي ويون، مولوي محمّد غازي مدرَسہ صَولَتيہ مان تعليمي ۽ تدريسي سرگرميون ڇڏي ڪري حسن ظن جي ڪري خدمت جي ارادي سان هن مقدس سفر ۾ مون سان گڏ هئا. انهن رفيقن جي صحبت ۾ مان قافلي کان هڪڙي پاسي سمهي پيس. ڇا ٿو ڏسان تہ سروَر عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪارو عربي جُبو پائي تشريف فرما ٿي پنهنجي جمالِ باڪمال سان مون کي نئين زندگي بخشڻ آيا آهن. ائين لڳو ڄڻ مان هڪ مسجد ۾ مراقبي جي حالت ۾ پلٿي هنيو ويٺو آهيان. حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ويجهو تشريف فرما ٿي ارشاد فرمايائون تہ آلِ رسول کي سنتون ڇڏڻ نہ گهرجن، مون ان حالت ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي پِنين کي جيڪي ريشم کان بہ وڌيڪ نازڪ هيون، پنهنجي ٻنهي هٿن سان مضبوط پڪڙي روئندي فرياد ڪيو، اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله پڙهڻ لڳس ۽ نيم بيهوشي جي حالت ۾ روئندي عرض ڪيو: حضور

ڪير آهيو؟ جواب ۾ اهو ساڳيو ارشاد ٿيو ته آل رسول ڪي سنتون ڇڏڻ نه گهرجن، ٽي دفعا اهي سوال جواب ٿيندا رهيا ٿيون پيرو منهنجي دل ۾ آيو ته جڏهن پاڻ ”يارسول **الله** جي ندا“ ڪان منع نه ٿا فرمائن ته پوءِ پڪ سان پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ئي آهن، جيڪڏهن ٻيا بزرگ هجن ها ته ان جملي ڪان جهلين ها. انهن جي حسن ۽ جمال جي متعلق ڪهڙي ڳالهه ڪجي؟ اُن ذوق، مَستي ۽ فيضان ڪرم جي بيان ڪان زبان عاجز آهي ۽ تحرير لاچار البت محبت جو جام پيئڻ وارن جي حلق ۾ انهن بيتن مان هڪ ڍڪ ۽ ان مشڪ جي ٿيلهيءَ مان هڪ خوشگوار مهڪ وجهڻ مناسب آهي. (مهر منير ص 131 تا 132) حضرت پير مهر علي شاهه رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جن ان واقعي جو پنهنجي ان مشهور ڪلام ۾ به اشارو فرمايو آهي ان جا ڪجهه شعر ملاحظ فرمايو.

اَج سِک مِتراں دی وَدھیری اے، — کیوں دِلڑی اُداس گھنیری اے!
لُوں لُوں وِچ شوق چنگیری اے، — اَج نَیناں لائیاں کیوں جَھڑیاں
اَلطَّیۡفُ سَرٰیۡ مِنۡ طَلۡعَتِہٖ، — وَالشَّذۡوُ بَدٰیۡ مِنۡ وَّفۡرَتِہٖ
فَسَکَرۡتُ ھُنَا مِنۡ نَظۡرَتِہٖ، — نَیناں دیاں فوجاں سر چڑھیاں
مُکھ چند بدر شَعشانی اے، — مَتھے چمکے لاٹ نورانی اے
کالی زُلف تے اَکھ مستانی اے، — مخمور اَکھیں ہِن مَدُ بھریاں
دو اَبرو قوس مثال دِسَن، — جَیں توں نوکِ مِژہ دے تِیر چھُٹَن
لباں سُرخ آکھاں کہ لعلِ یمن، — چِٹّے دند موتی دِیاں ہِن لڑیاں
اِس صورت نُوں میں جان آکھاں، — جانان کہ جانِ جہان آکھاں
سچ آکھاں تے ربّ دی شان آکھاں — جِس شان توں شاناں سب بنیاں

| | |
|---|---|
| لاهو مکھ توں مُخطّط بُردِ یمن، | مَن بھانوری جھلک دِکھاؤ . . سجن |
| اوہا مِٹھیاں گالِیں الائو مِٹھن، | جو حَمرا وادی سن کریاں |
| سُبۡحٰنَ الله! مَا اَجۡمَلَكَ، | مَا اَحۡسَنَكَ مَا اَكۡمَلَكَ، |
| کِتھّے مہر علی کِتھّے تیری ثنا، | مشتاق اکھیں[1] کِتھّے جا لڑیاں |

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿6﴾ مديني جي ڪُتي جا ناز ڪڻ

پنجاب (پاڪستان) جا مشهور عاشق رسول پير جماعت علي شاه محدثِ علي پوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ دفعي مديني شريف ويا ته سندن ڪنهن مريد مديني پاڪ جي هڪ ڪتي کي اتفاقي طور پٿر هنيو جنهن سبب ڪتي رڙ ڪئي. حضرت شاه صاحب سان ڪنهن اها ڳالهه ڪئي ته توهان جي فلاڻي مريد مديني شريف جي هڪ ڪتي کي ڏک هنيو آهي. اهو ٻڌي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پريشان ٿي ويا ۽ پنهنجي مريدن کي حڪم ڏنائون ته جلد ان ڪتي کي ڳولي ڪري هتي وٺي اچو. پوءِ ڪتو آندو ويو شاه صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اٿيا ۽ ان ڪتي کي مخاطب ٿي چيائون: اي ديار حبيب ۾ رهڻ وارا! خدا تعاليٰ جي واسطي منهنجي هن مريد جي غلطي معاف ڪر، پوءِ پُڳل گوشت ۽ کير گهرايو ۽ ان کي کارايو. پوءِ ان کي چيائين ته جماعت علي توکان معافي ٿو گهري، خدارا ان کي معاف ڪري ڇڏجانءِ.

---

[1] حضرت پير مهر علي شاهه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه عاجزي طور هتي لفظ گستاخ ۽ آخر ۾ لڙيان لکيو آهي پر سندن ادب ڪندي اڪثر نعت خوان جيئن پڙهندا آهن ان طرح مون لکيو آهي. (مهر منير ص 500)

(سنی علماء کی حکایتیں ص 211 ملخصاً) الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي. اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

دل کے ٹکڑے نذر حاضر لائے ہیں
اے سگانِ کوچۂ دلدار ہم

(حدائق بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿7﴾ آقا گهرائين ته اُڏامي به پهچڻ گهرجي

اعليٰ حضرت جا خليفه، فقيه اعظم حضرت علامه مولانا ابو يوسف محمد شريف محدث ڪوٽلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا فرزند حضرت مولانا ابوالنور محمد بشير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: حضرت امير ملت پير سيّد جماعت علي شاھ محدث علي پوري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڪيترائي حج ڪيا ۽ اڪثر ڪري هر سال مديني شريف رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو عشق انهن کي ان شرف سان مشرف فرمائيندو هو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ سال هوائي جهاز جي ذريعي حج جي سفر جي ترڪيب ڪئي. (منهنجي) والد صاحب، (فقيه اعظم حضرت علامه مولانا محمّد شريف محدث ڪوٽلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه)کي خبر پئي ته مون کي ساڻ وٺي علي پور شريف پهتا، سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ته پاڻ مديني شريف جو تذڪرو فرمائي رهيا هئا ۽ والدصاحب کي ڏسي گهڻو خوش ٿي فرمايائون: مان سرڪار عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دربار ۾ وري حاضري ڏيڻ وڃان پيو، والد صاحب رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پڇيو ته ڇا حضور هن دفعي اوهان هوائي جهاز ۾ وڃي رهيا آهيو؟ حضرت جواب ڏنو: مولوي

صاحب! ”يار گهرائي ته اڏامي به پهچڻ گهرجي“ اهو جملو ڪجهه اهڙي انداز ۾ فرمايو جو سندن اکين مان ڳوڙها وهي پيا ۽ حاضرين تي به غم واري ڪيفيت طاري ٿي وئي.

(سنی علماء کی حکایتیں ص 45 ملخصاً)

اللہ پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تقدیر میں خُدایا عطاؔر کے مدینہ

لکھ دے فقط مدینہ سرکار کا مدینہ (وسائل بخشش)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿8﴾ مولانا سردار احمد جي مديني جي کجور سان محبت

محبوب جي شهر سان محبت سچي عشق جي نشاني آهي جيئن ته عظيم عاشق رسول حضرت محدث اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني شريف سان گهڻي محبت ڪندا هئا سندن محفل ۾ هميشه محبوب جي شهر جو تذڪرو ٿيندو رهندو هو. جيڪڏهن ڪو زائر مدينه سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو ته ان کان مديني شريف جا حال احوال پڇندا هئا، مديني پاڪ ۾ رهندڙ اهلسنت و جماعت جي خيريت پڇندا هئا ۽ جيڪڏهن ڪو به تبرُّڪ پيش ڪندو هو ته وڏي خوشيءَ سان قبول فرمائيندا هئا. هڪ دفعي هڪ حاجي صاحب مديني شريف جون کجورون پيش ڪيون، ان وقت حديث جو درس ٿي رهيو هو. مديني جون کجورون اتي موجود شاگردن ۾ ورهايون ۽ هڪ کجور پنهنجي وات ۾ وجهي فرمائڻ

لڳا: مديني جي کجور پنهنجي وات ۾ رکي چڏي آهي جيترو وقت ڳري اندر ويندي اوترو وقت ايمان تازو ٿيندو رهندو. (ماخوذا حيات محدث اعظم پاڪستان ص 155)

کھجورِ مدینہ سے کیوں ہو نہ اُلفت

کہ اس کو آقا کے کُوچے سے نسبت

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿9﴾ مديني ۾ پنهنجا وارَ ننهن دفن ڪيا

حضرت محدثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: فقير مدينة الرسول کان واپسيءَ وقت ڪجهه وار ۽ ننهن مدينہ شريف ۾ دفن ڪيا ۽ رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جناب ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مديني پاڪ ۾ مرڻ تہ منهنجي اختيار ۾ ناهي، پر پنهنجي جسم جا ڪجهه جزا دفن ڪري پيو وڃان جو اسان غريبن جي لاءِ اها بہ غنيمت آهي. (ايضاً)

جان و دل چھوڑ کر یہ کہہ کے چلا ہوں اعظمؔ

آرہا ہوں مرا سامان مدینے میں رہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿10﴾ مديني جي ياد

مولانا قاضي مظهر الحق جهلمي، ڪوئٽہ جي رستي، زاهدان، بغداد شريف ۽ مديني پاڪ ۽ ٻين مقدس مقامن جي زيارت سان مشرف ٿي حضرت محدثِ اعظم پاڪستان مولانا سردار احمد رَحْمَةُ اللهِ

عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، جڏهن قاضي صاحب جو تعارف ڪرايو ويو ۽ (عرض ڪيو ويو تہ هي مديني جي حاضريءَ سان مشرف ٿي آيا آهن) تہ قاضي صاحب جو هٿ پڪڙي ورتو ۽ سندن اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. جيتوڻيڪ طبيعت ڪافي ناساز هئي، بيماريءَ ۾ اضافو ٿي چڪو هو پر ان جي باوجود اٿي ويهي رهيا ۽ قاضي صاحب کان مديني شريف جون ڳالهيون پڇڻ لڳا، مديني پاڪ ۾ رهندڙ احباب اهلسنت و جماعت جي خيريت دريافت فرمائيندا رهيا، مديني پاڪ جي گهٽين جي ياد آئي ۽ گنبد خضريٰ جو نوراني منظر سامهون اچي ويو ۽ مقدس جارين جا جلوا دل کي تڙپائڻ لڳا، روضي مقدس جو وقار دلين تي اثر ڪرڻ لڳو، محبوب جي شهر جي تصور واري نوراني خيالن ۾ گم ٿي ويا ۽ سڄي محفل جي ڪيفيت اها ٿي وئي جو

غیروں کی جفا یاد نہ اپنوں کی وفا یاد
اب کچھ بھی نہیں ہم کو مدینے کے سوا یاد

(ايضًا ص 155 کان 156)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ﴿11﴾ مديني جو مسافر هِند کان مديني پهتو

صدرُالافاضل حضرت علامہ مولانا سيّد محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه زبردست عاشق رِسول هئا. سندن باري ۾ اهو ايمان افروز واقعو مون کي سندن ناني حڪيم سيّد يعقوب علي صاحب (مرحوم) ٻڌايو هو. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حجّ بيت الله لاءِ تشريف فرما ٿيا ۽ جڏهن مديني شريف ۾ سرڪار

نامدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دربار شريف ۾ حاضر ٿيا ته سونهري ڄارين جي ويجهو ڏنائون ته حضرت صدرالافاضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به ميڙ ۾ موجود هئا. ملاقات جي همت نه ٿي، چو ته باادب ماٺهو اتي ناهن ڳالهائيندا، صلواة و سلام پڙهي ڪري فارغ ٿيڻ ڪانپوءِ باهر تلاش ڪيو، پر زيارت نه ٿي. حضرت **شيخ الفضيلت**، **شيخ العرب والعجم**، قطبِ مدينه ضياءُ الدين احمد قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دربار فيض آثار تي حاضر ٿيس چوته عرب ۽ عجم جا اهل حق عالم ۽ مشائخ سڳورا حرمَين طَيبَين جي حاضريءَ دوران حضرت شيخ الفضيلت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زيارت لاءِ اتي ضرور حاضر ٿيندا هئا، اتي به حضرت صدرالافاضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ ڪا به معلومات نه ملي. حيران هئس ته صدر الافاضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪڏهن تشريف فرما ٿيا آهن ته ڪيڏانهن ويا؟ ان دوران مراد آباد (هِند) کان هڪ خط حضرت شيخ الفضيلت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نالي آيو ته فلاڻي ڏينهن فلاڻي وقت حضرت صدرالافاضل مولانا نعيم الدين صاحب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو مراد آباد ۾ وصال ٿي ويو آهي. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن وقت ملايو ته اهوئي وقت هو جنهن وقت سونهري ڄارين جي ويجهو صدرالافاضل رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نظر آيا هئا. جلد سمجهي ويس ته جيئن ئي انتقال فرمايائون تيئن ئي بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ صلواة وسلام جي لاءِ حاضر ٿيا.

مدینے کا مسافر ہند سے پہنچا مدینے میں
قدم رکھنے کی نَوبت بھی نہ آئی تھی سفینے میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿12﴾ اي مديني جا سور! تنهنجي جڳهه تہ منهنجي دل ۾ آهي

حضرت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه 1390ھ حج ۽ زيارت جي سعادت حاصل ڪئي. ان سلسلي ۾ مديني جي سفر جو هڪ ايمان افروز واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا: مان مديني شريف ۾ تِرڪي ڪِري پيس ۽ ساڄي هٿ جي ڪارائي واري هڏي ٽٽي پئي. سور وڌي ويو تہ مون ان کي چمندي چيو: اي مديني جا سور! تنهنجي جڳهه منهنجي دل ۾ آهي ۽ تون تہ مون کي يار جي در تان مليو آهين.

ترا درد میرا دَرماں ترا غم مری خوشی ہے
مجھے درد دینے والے تری بندہ پروری

سور تہ ان وقت ئي ختم ٿي ويو پر هٿ ڪم نہ پيو ڪري 17 ڏينهن کان پوءِ شاهي اسپتال ۾ ايڪسري ڪرايو تہ هڏيءَ جا ٻہ ٽڪر نظر آيا جن ۾ ڪافي فاصلو هو، پر مون علاج نہ ڪرايو ۽ پوءِ آهستي آهستي هٿ ڪم ڪرڻ شروع بہ ڪيو ۽ مديني شريف جي اسپتال جي ڊاڪٽر محمد اسماعيل چيو تہ اهو خاص ڪرشمو ٿيو آهي تہ اهو هٿ طبي لحاظ کان حرڪت بہ نہ ٿو ڪري سگهي. اهو ايڪسري مون وٽ آهي، هڏي اڃا تائين ٽٽل آهي ۽ ان ٽٽل هٿ سان تفسير لکي رهيو آهيان، مان ان پنهنجي ٽٽل هٿ جو علاج صرف اهو ڪيو تہ آستانہ عاليہ تي پهچي ڪري عرض ڪيو تہ حضور! منهنجو هٿ ٽٽي پيو آهي اي عبدالله بن عَتِيڪ جي ٽٽل هڏي جوڙڻ وارا! اي مُعَاذ بن عَفۡرَاء جي ٽٽل ٻانهن جوڙڻ وارا! منهنجو بہ ٽٽل هٿ جوڙ!.

(تفسير نعيمي ج 9 ص 388)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلَّی اللہُ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم

چاند کو توڑنے والے آجا
ہم بھی ٹوٹی ہوئی تقدیر لئے پھرتے ہیں

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿13﴾ جنت البقيع ۾ لاش جي تبديلي

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حج دوران مون سان گڏ هڪ پنجابي بزرگ هو جنهن جو نالو صوفي محمد حسين هو، اهو مون کي فرمائڻ لڳو: هڪ دفعي مان شاهه عبدالحق مهاجر اِلٰه آبادي جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ عرض ڪيو ته حديث شريف ۾ آيو آهي: ”اسان جو مدينو ته باهه جو ڪُورو آهي ۽ جيئن ڪورو لوهه جي مَرُ کي ڪڍي ڇڏيندو آهي ائين ئي مديني جي زمين به نااهل کي پاڻ وٽان ڪڍي ڇڏيندي آهي.“ جڏهن ته مرتد ۽ منافق به مديني پاڪ ۾ مري هتي ئي دفن ٿيندو آهي ته پوءِ هن حديث جو مطلب ڇا آهي؟ شاهه صاحب مون کي منهنجو ڪن پڪڙي ڪڍي ڇڏيو. مان حيران هئس ته مون کي ڪهڙي جُرم ۾ ڪڍيو ويو آهي! رات جو خواب ۾ ڏٺم ته مديني شريف جي قبرستان يعني جنّتُ البقيع ۾ ڪوٺائي ٿي رهي آهي ۽ اُنن تي پاهران لاش پيا اچن ۽ هتان ٻاهر پيا وڃن مان انهن وٽ ويس ۽ پڇيم ته اهو اوهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟ انهن چيو: جيڪي نااهل هتي دفن ٿيا آهن انهن کي ٻاهر پهچائي رهيا آهيون ۽ عاشقانِ مدينه جي انهن لاشن کي

جيڪي ٻين جڳهن تي دفن ٿي ويا هئا انهن کي هتي دفن ڪري رهيا آهيون، پوءِ ٻئي ڏينهن وري شاهه صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيس. پاڻ مون کي ڏسي فرمايائون: هاڻي سمجهيي! حديث جو مطلب اهو آهي ته ڪلهه تو اَغيار (يعني غيرن) ۾ اَسرار (يعني راز) پڇيو هو جنهن جي توکي سزا ڏني وئي هئي. (تفسير نعيمي ج 1 ص 766)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بقیعِ پاک میں عطارؔ دفن ہو جائے

برائے غوث و رضا از پئے ضِیا یاربّ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿14﴾ غزاليءِ زمان ۽ مفتي احمد يار خان تي ٻنهي جهانن جي سردار جو احسان

هڪ دفعي حضرت شيخ علاءُ الدين اَلبڪري اَلمدني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي والد محترم حضرت شيخ علي حُسين مدني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه وٽ مديني شريف ۾ ميلاد جي محفل منعقد ٿي جيڪا پُرذوق محفل هئي جنهن ۾ انوارِ نبوي خوب ظاهر ٿيا. محفل جي اختتام تي محفل جي اڳواڻ تبرُّڪ طور جليبي ورهائي ۽ فرمايائون: اڄ رات ميلاد جي جليبي کائڻ واري کي اِنۡ شَآءَ الله تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت نصيب ٿيندي. سڀاڻي صبح سوير فجر نماز کان پوءِ مسجد نبوي شريف ۾ هر شخص پنهنجي ديدار جي ڪيفيت ٻڌائي. حاجي غلام حسين مدني مرحوم

جو بيان آهي: ”اَلْحَمْدُلِله مون بہ اها جليبي کاڌي هئي مون کي سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ديدار نصيب ٿيو. مون ان حالت ۾ حضور پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي جو ساڄي پاسي غزالي زمان حضرت قبلہ سيّد احمد سعيد ڪاظمي شاهہ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن ۽ ٻئي پاسي حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هٿ پڪڙي بيٺا آهن. (انوار قطب مدينه ص 53)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

دیدار کی بھیک کب بٹے گی
منگتا ہے امیدوار آقا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿15﴾ علامہ ڪاظمي صاحب ۽ مديني جو ڪنڊو

غزالي زمان حضرت علامہ سيّد احمد سعيد ڪاظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مديني شريف جي پهرين حاضري جي موقعي تي پير ۾ هڪ ڪنڊو لڳو جنهن سان سخت تڪليف ٿي رهي هئي، ڪڍڻ لڳس تہ اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مجدد دين و ملت شاهہ امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مديني جي ڪنڊي سان محبت ياد اچي وئي تہ مان اتي ئي ويهي رهيس ۽ پير مان ڪنڊو نہ ڪڍيو پوءِ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ سور ازخود ختم ٿي ويو. (ايضاً)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اُن کی حَرم کے خار کشیدہ ہیں کس لئے　　آنکھوں میں آئیں سر پہ رہیں دل میں گھر کریں
(حدائق بخشش)

خارِ صَحرائے نبی! پاؤں سے کیا کام تجھے　　آ مری جان مرے دل میں ہے رَستہ تیرا
(ذوقِ نعت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ﴿16﴾ وصال کانپوءِ اعليٰ حضرت جي دربارِ مصطفيٰ ۾ حاضري

قطبِ مدينہ حضرت علامہ ضياءُ الدين احمد قادري مدني رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه (سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي وفات کان پوءِ جو واقعو بيان ڪندي) فرمائن ٿا: هڪ دفعي مُوَاجهہ شريف ۾ حاضري ڏيڻ جي لاءِ مسجد نبوي شريف جي "بابُ السَّلام" کان اندر داخل ٿيس تہ ڏٺم اعليٰ حضرت، عظيم البَرڪت، عظيم المَرتبت، پروانہ شمع رسالت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشاہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن مُوَاجهہ شريف ڏانهن منهن ڪري بيٺا آهن ۽ سلام پڙهي رهيا آهن. مان ويجهو ويس تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه منهنجي نظرن کان غائب ٿي ويا. مان مُواجهہ شريف واري پاسي هليو ويس ۽ صلواة و سلام جو نذرانو پيش ڪري عرض ڪيو: "يارسول اللّٰہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي منهنجي شيخ (امام احمد رضا خان) جي زيارت کان محروم نہ رکيو وڃي." سيّدي قطب مدينہ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان مواجهہ شريف جي پيرانديءَ (يعني قدمن شريفن) ڏانهن ڏٺو تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه وينل نظر آيا، مان ڊوڙي وڃي اعليٰ حضرت

رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا قدم چميا ۽ زيارت سان فيضياب ٿيس. (ايضاً ص 238)

**الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

غمِ مصطفےٰ جس کے سینے میں ہے
گو کہیں بھی رہے وہ مدینے میں ہے

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ﴿17﴾ قطب مدينه ۽ مديني جو غريب زيارتي

حضرت حڪيم محمد موسيٰ اَمرتسري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جن ڏينهن ۾ مان مديني پاڪ ۾ حاضر هئس! سيّدي قطب مدينه حضرت مولانا ضياءُ الدين احمد قادري مدني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ به حاضري ڏيندو هئس، مانيءَ جي وقت هڪ بدحال شخص ايندو هو ۽ ڪاڏو ڪائي هليو ويندو هو. مون هڪ ڏينهن دل ۾ سوچيو ته اهو شخص خواه مخواه مانيءَ جي وقت اچي ٿو ۽ حضرت کي تڪليف ڏيئي ٿو. انهيءَ ڏينهن جڏهن محفل ختم ٿي سيّدي قطب مدينه رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمايو: حڪيم محمد موسيٰ مون سان ملي وڃجان، مان خدمت ۾ حاضر ٿيس ته فرمايائون: حڪيم صاحب! اهو جيڪو غريب شخص روزانو ڪاڏو ڪائڻ اچي ٿو اهو پاڪستان جي شهر لائلپور (فيصل آباد) ۾ هڪ مل ۾ معمولي ملازم آهي، ان کي هر سال شهنشاهِ بحرو بر، مديني جي تاجور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي روضي انور جي زيارت نصيب ٿيندي آهي ۽ وڏو خوش نصيب آهي ۽ مدينه

منوره جو زائر آهي، ان ڪري مان ان کي ڪاڏو ڪارائيندو آهيان.

(انوار قطب مدينه ص 277)

**الله جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي.**

اٰمِيۡنۡ بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

تھکا ماندہ ہے وہ جو پاؤں اپنے توڑ کر بیٹھا

وُہی پہنچا ہوا ٹھہرا جو پہنچا کُوئے جاناں میں (ذوقِ نعت)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هفتيوار رسالي جو مطالعو

شيخ طريقت امير اهلسنت، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَہ / خليفہ امير اهلسنت الحاج ابو اُسَيد عُبيد رضا مدني مَدَّ ظِلُّهُ العالي جي طرفان هر هفتي هڪ رسالو پڙهڻ جي ترغيب ڏني ويندي آهي. ماشآءَالله الكريم! لکين اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هي رسالو پڙهي يا ٻڌي ڪري اميراهلِ سنت/ خليفہ امير اهلسنت جي دعائن مان حصو مائيندا آهن. هي رسالو آڊيو ۾ دعوت اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net يا read and listen Islamic book تان فري ۾ ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو. ثواب جي نيت سان پاڻ بہ پڙهو ۽ پنهنجي مرحومين جي ايصالِ ثواب جي لاءِ تقسيم ڪيو.

(شعبو هفتہ وار رسالو مطالعو)

978-969-722-669-6

01082499

فيضانِ مدينہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

+92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net